SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ ایکٹ نمبر VII مجریہ 2012

SINDH ACT NO.VII OF 2012

سندھ ایریگیشن (ترمیم) ایکٹ، 2011

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ACT, 2011

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement

2. سندھ ایکٹ نمبر VII مجریہ 1879 ءِ نئین دفعہ 62_C جو شامل ٹیئ
Insertion of new section 62_C in Sind Act No. VII of 1879

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 2012
SINDH ACT NO.VII OF 2012
سنڌ ايريگيشن (ترميم) ايڪٽ، 2011
THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ACT, 2011

[20 مارچ 2012]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879ع ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879ع هيٺين چاٽايل طريقي سان ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن کي هن طرح جوڙي نافذ ڪيو ويندو؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ايريگيشن (ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879ع ۾ نئين دفعہ 62_C جو شامل ٿيڻ
Insertion of new section 62_C in Sind Act No. VII of 1879

2. سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 جي دفعہ 62_B کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

"62_C. (1) ڪنهن شخص جي حق ۾ ڪنهن اٿارٽيءَ پاران يا ڪنهن عدالتي فيصلي يا حڪم سان مليل گرانٽ يا ليز جي باوجود سيلابي ۽ برساتي پاڻي جي نڪاسي جي لاءِ مخصوص قدرتي يا مصنوعي نالن واري سموري زمين حڪومت جي حوالي تصور ڪئي ويندي جنهن کي خاص ڪري انهيءَ مقصد جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

(2) اهڙي سرڪاري زمين جنهن جو ذڪر ذيلي دفعہ (1) ۾ ڪيو ويو آهي، اها ڪو شخص پاڻ وٽ رکندو ۽ هن ايڪٽ جي نفاذ کانپوءِ ستن ڏينهن جي اندر اها زمين خالي ڪندو.

(3) ذيلي دفعہ 2 جي تحت زمين خالي نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جاڻايل شخص سزا ۽ جرماني جو حقدار هوندو سزا جي مدت ۾ 10 سالن تائين وڌائي سگهي ٿي ۽ ان تي جرمانو بہ لڳايو ويندو، جنهن کي 10 ملين تائين وڌائي سگهجي ٿو.

وڌيڪ هيءُ تہ هن ذيلي شق جي مطابق ڪيل ڏوهہ ناقابل ضمانت.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.